SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XIII، 1970

سول ڪورٽس (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1970

فهرست

تمهيد

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
2. 1956 جي صدارتي حڪم نمبر 2 جي آرٽيڪل 4 جي ترميم:
3. 1962 جي اولهه اڪستان آرڊيننس 11 جي سيڪشن 24 جي ترميم:

سنڌ آرڊيننس نمبر XIII، 1970

سول ڪورٽس (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1970

[21 هين ڊسمبر 1970]

آرڊيننس ڪراچي ڪورٽس آرڊر، 1956 ۽ اولهه پاڪستان سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۾ ترميم لاءِ

تمهيد

جيئن ته ڪراچي ڪورٽس آرڊر، 1956 ۽ اولهه پاڪستان سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۾ هيٺين ريت ترميم ڪرڻ ضروري آهي:-

هاڻي، تنهن ڪري، 25 مارچ 1969ع جي مارشل لا جي اعلان جي عمل جي روشني ۾، عبوري آئيني حڪم سان گڏ پڙهو ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن موجب سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس لاڳو ڪيو آهي:-

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هي آرڊيننس سول ڪورٽس (سنڌ ترميمي) آرڊرننس، 1970 طور سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو هوندو.

1956 جي صدارتي حڪم نمبر 2 جي آرٽيڪل ڪل جي جي ترميم:

2. ڪراچي ڪورٽس آرڊر، 1956 ۾، آرٽيڪل 4 ۾، موجود فع (2) لاءِ، هيٺين دفع تبديل (Substitute)ٿي ويندي، يعني:-

"(2) ڪراچي ۾ ڊسٽرڪٽ جج جي عدالت، اصل ديواني مقدمو ۽ جتي معاملو 50 هزار رپين کان وڌي وڃي ته ان ۾ عدالتي اختيار سماعت نه هوندو.

1962 جي اولهه اڪستان آرڊيننس 11 جي سيڪشن 24 جي ترميم:

4. اولهه پاڪستان سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۾، سيڪشن 24 ۾، سب سيڪشن (1) جي فقره شرط ۾ ۽ سب سيڪشن (2-A) ۾، لفظن "پنجويهه هزار رپين" لاءِ جتي به اهي لفظ اچن، لفظ "پنجاهه هزار" تبديل (Substitute) ٿي ويندا.

[redacted]

نوٽ: مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.